SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر VII مجريہ 1974
# SINDH ORDINANCE NO.VII OF 1974
# سنڌ سروس ٽربيونلس (ترميم) آرڊيننس، 1974
# THE SINDH SERVICE TRIBUNALS (AMENDMENT) ORDINANCE, 1974
## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1973 جي سنڌ ايڪٽ XV جي دفعہ 3 جي ترميم
Amendment of Section 3 of Sindh Act XV of 1973

3. 1973 جي سنڌ ايڪٽ XV جي دفعہ 4 جي ترميم
Amendment of Section 4 of Sindh Act XV of 1973

4. 1973 جي سنڌ ايڪٽ XV ۾ دفعہ 6_A جي شموليت
Insertion of Section 6_A in Sindh Act XV of 1973

5. 1973 جي سنڌ ايڪٽ XV جي دفعہ 8 جي ترميم
Amendment of Section 8 of Sindh Act XV of 1973

# سنڌ آرڊيننس نمبر VII مجريہ 1974
# SINDH ORDINANCE NO.VII OF 1974
# سنڌ سروس ٽربيونلس (ترميم) آرڊيننس، 1974
# THE SINDH SERVICE TRIBUNALS (AMENDMENT) ORDINANCE, 1974

[18 اپريل 1974]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ سروس ٽربيونلس ايڪٽ، 1973 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ سروس ٽربيونلس ايڪٽ، 1973 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ سروس ٽربيونلس (ترميم) آرڊيننس، 1974 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1973 جي سنڌ ايڪٽ XV جي دفعہ 3 جي ترميم

2.سنڌ سروس ٽربيونلس ايڪٽ، 1973 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ جاٽايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 3 ۾:

(i)ذيلي دفعہ (3) جي شق (b) ۾، لفظن "ڪلاس 1 پوسٽ" لاءِ

لفظ "گريڊ 16 ۾ پوسٽ يا ان جي برابر يا اعليٰ عهدو" متبادل ٿيندا؛

(ii)ذيلي دفعہ (6) ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کان اڳ، ڪاما ۽ لفظ "، جيڪڏهن ان جو معاوضو وڌايو ويو آهي." شامل ڪيا ويندا.

Amendment of section 3 of Sindh Act XV of 1973

1973 جي سنڌ ايڪٽ XV جي دفعہ 4 جي ترميم

Amendment of section 4 of Sindh Act XV of 1973

3.جاٽايل ايڪٽ جي دفعہ 4 جي شرطيہ بيان ۾ شق (b) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"(b) ڪاتي جي اختياريءَ طرفان موزونيت متعين ڪرڻ يا ٻي صورت ۾ ڪو ماڻهو جيڪو مقرر ڪيو وڃي يا ڪا خاص آسامي رکي، يا اعليٰ آسامي يا گريڊ ۾ ترقي ڏني وڃي، ان بابت حڪم يا فيصلو ڏنو وڃي تہ ان لاءِ ٽربيونل ۾ اپيل نہ ڪئي ويندي."

1973 جي سنڌ ايڪٽ XV ۾ دفعہ 6_A جي شموليت

Insertion of section 6_A in Sindh Act XV of 1973

4.جاٽايل ايڪٽ ۾، دفعہ 6 کانپوءِ هيٺين ريت دفعہ 6_A شامل ڪئي ويندي:

(حدون) "6_A. لميٽيشن ايڪٽ، 1908 (1908 جو ايڪٽ IX) جي دفعہ 5 ۽ 12 جي گنجائش هن ايڪٽ تحت اپيل تي لاڳو ٿيندي".

1973 جي سنڌ ايڪٽ XV جي دفعہ 8 جي ترميم

Amendment of section 8 of Sindh Act XV

5.جاٽايل ايڪٽ ۾ موجود دفعہ 8 کي ان دفعہ جي ذيلي دفعہ (1) طور ٻيهر نمبر ڏنو ويندو ۽ اهڙيءَ ريت ذيلي دفعہ (1) طور ٻيهر نمبر ڏيڻ کانپوءِ هيٺين ريت ذيلي دفعہ (2) شامل ڪئي ويندي:

"(2) خاص طور تي ۽ مٿي جاٽايل اختيارن جي عام حيثيت سان تضاد ڪانسواءِ، اهڙا قاعدا هيٺين معاملن لاءِ مهيا ڪندا

of 1973

ٿا، يعني:

(a) ٽربيونل جي ميمبرن جو گهربل انگ، جنهن جي سامهون ٻڌڻي ٿيڻي آهي يا ٽربيونل طرفان حڪم يا فيصلو ڪيو وڃي؛ ۽

(b) ٽربيونل جي چيئرمين يا ميمبر جي عهدي تي عارضي آسامي جي پرتي.”.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**